# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1991
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1991
# سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعائت (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعات 3-B، 3-C، 3-D جي شموليت

Insertion of Section 3-B, 3-C, 3-D of Sindh Act XV of 1973

4. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1973

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1991
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1991
# سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1991

[30 جنوري1991]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن جي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ

2.سنڌ سروس ٽربيونلز ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ چاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 جي شق (c)

2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act XV of 1973

۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ، لفظ ۽ انگ “يڻ دفعه 3-B” وڌايا ويندا.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعات 3-B، 3-C، 3-D جي شموليت
Insertion of Section 3-B, 3-C, 3-D of Sindh Act XV of 1973

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 3-A کانپوءِ هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون وينديون:

(ماتحت عدليه جي ميمبرن لاءِ ٽربيونل) “3-B. جيستائين ڪجهه دفعه 3 ۾ شامل نه هجي، هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس، هاءِ ڪورٽ جي ٽن ججز تي ٻڌل ٽربيونل قائم ڪري سگهي ٿو، جن مان سڀ کان وڏيڪ سينئر چيئرمين هوندو ۽ ٻيا ٻه جج ٽربيونل جي ميمبر طور ڪم ڪندا ۽ اهڙيءَ ريت قائم ڪيل ٽربيونل کي ماتحت عدليه جي ميمبرن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل معاملن ۾ مڪمل دائره اختيار حاصل هوندو، بشمول انظباطي معاملن جي.”

(دفعه 3-B تحت ٽربيونل تي دفعه 3-A لاڳو نه ٿيندو) “3-C. دفعه 3-B تحت قائم ڪيل ٽربيونل تي دفعه 3-A ۾ شامل ڪجهه به لاڳو نه ٿيندو.”.

(التوي هيٺ ڪيسن جي منتقلي) “3-D. ماتحت عدليه جي ميمبرن جي ملازمت جي شرطن ۽ ضابطن سان لاڳاپيل سمورا معاملا جيڪي سنڌ سروس ٽربيونلز (ترميم) آرڊيننس، 1991 جي شروعات کان فوري اڳ دفعه 3 ۾ ڄاڻايل ٽربيونل جي سامهون التوي هيٺ هوندا، اهي دفعه 3-B تحت قائم ڪيل ٽربيونل کي منتقل ٿي ويندا.”.

1973 جي سنڌ

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 8 جي ذيلي دفعه (1) ۾، آخر ۾

ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1973

ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ دفعہ 3-B تحت قائم ڪيل ٽربيونل جي سلسلي ۾ قاعدا هاءِ ڪورٽ جي مشاورت سان جوڙيا ويندا."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.